اڪبر لغاري

# ساختيات ۽ پسِ ساختيات

***Abstract***

## Structuralism and Post Structuralism

*Post structuralism, philosophy, psychology, feminism and literature are discussed. It's related to post modernism. It doesn't accept objective truth. In this paper the post structuralism and it's relation to literature and other multiple dimensions are studied.*

*Structuralism is the theory, which was originated from the modern linguistic movement of 20th century. This theory was presented by the French scholar Ferdinand de Saussure. Theory is principally based on his linguistic model.*

*Structuralism claims that elements of human culture can be understood in terms of their relationship in the larger overarching system of structure. This perspective is new and different because before this theory it was believed that language is encircled with meaning.*

ساختيات: انساني سماج جي مختلف رخن جهڙوڪ ادب، ٻولي، سماجي ادارن وغيره جو معائنو ڪري ٿي، جنهن مطابق جز جي الڳ ڪا به معنيٰ نـ آهي ۽ ان جي معنيٰ صرف ۽ صرف ڪل جي نسبت سان ئي آهي. سماج جي هر نظام ۾ گهرا بنيادي ڍانچا( Structures) هوندا آهن، جن جي باهمي تعلق ۽ مطالعي کان سواءِ حقيقت ۽ معنيٰ تائين رسائي مشڪل آهي.[1]

روماني تنقيد، حقيقت نگاري، مارڪسي ۽ نئين تنقيد جون پاڙون فلسفي جي مختلف فڪري مڪتبن جي پاتال ۾ کتل آهن. تنقيد جي انهن نظرين ۾ معنوي تفهيم کان وٺي جمالياتي تسڪين تائين، جا سڀ معاملا بحث هيٺ اچن ٿا. جڏهن ته نفسياتي تنقيد جو تعلق ادب جي صرف معنوي رخ سان ۽ ادبي جديديت جو سڄو زور جماليات تي آهي. ساختيات انهن سڀني کان مختلف آهي جيڪا لسانيات مان ڦٽي نڪتي آهي. هن جو تعلق نه ته ادب جي جماليات سان آهي ۽ نه ئي وري ان جو مقصد ادب جي معنوي تفهيم ۽ تعين سان آهي. ساختيات

اهو ڏسڻ چاهي ٿي تہ ادب ۾ لفظن، جملن ۽ محاورن جي باهمي ميلاپ سان وجود ۾ آيل تحرير ۾ معنيٰ ڪيئن ٿي پيدا ٿئي. يعني ساختيات جو تعلق معنيٰ سان نه پر معنيٰ پيدا ٿيڻ جي عمل ۽ طريقه ڪار سان آهي.

ساختيات جي باني سوسيوئر کان متاثر ٿي، ڪلاڊي ليوي اسٽراس (Claude Levi Strauss) ساختياتي فڪر کي سماجي نظام ۾ ڳولي لڌو جنهن جي مطابق ته سماج، ثقافت، ڏند ڪٿائن ۽ لوڪ ڪهاڻين وغيره ۾ گهرا ڍانچا آهن، جن جي ساخت به نشاني وانگر آهي جنهن ۾ ڪل ۽ جز جي تعلق سان معنيٰ پيدا ٿي ٿئي. اصول اهو آهي ته هر جز کي پنهنجي ڪل سان نہ صرف سهمت هجڻ گهرجي، پر ان کي ڪُل جي معنويت ۽ اهميت ۾ اضافو ڪرڻ گهرجي. فرد جز ۽ ڪٽنب ڪل آهي. ڪٽنب جز ۽ سماج ڪل آهي. لفظ جز ۽ جملو ڪل آهي. جملي ۽ لفظ جي وچ ۾ "معنيٰ پيدا ڪندڙ اصول" جو نالو گرامر آهي.

ساختياتي فڪر سماجيات، نفسيات، فلسفي، مئٿس، انسانيات ۽ ادبي تنقيد تي پنهنجا گهرا اثرڇڏيا ۽ 1950 کان 1970 واري ڏهاڪن تائين هر طرف ساختيات جي حڪمراني هئي. هتي اسان صرف ادبي تنقيد جي حد تائين ساختيات جو مطالعو ڪنداسين. ساختيات بنيادي طرح لساني فڪر آهي، جنهن جو بنياد فرڊيننڊ ڊي سوسيوئر ((Ferdinand de Saussure رکيو. هن جي مطابق ڪنهن شئي جي معنيٰ ان جي اصل تصور ۽ لفظ جي آواز جي ميلاپ سان ٺهي ٿي. مثال: لفظ "چيتي" جو مثال وٺو. ان جا به حصا آهن: هڪ لفظ "چيتي" جي اچار جو آواز، ٻيو ان جو تصور يعني:

هن ۾ آواز کي سوسيوئر دال (Signifier) ۽ تصور کي مدلول (Signified) چوي ٿو. دال ۽ مدلول جي ميلاپ کي نشاني (Sign) چوي ٿو. اسان جڏهن دال "چيتو" اچاريون ٿا ته اسان جي ذهن ۾ خودبخود چيتي جو تصور اچي وڃي ٿو! ائين ڇو آهي؟ لفظ چيتي اچارڻ سان ڪبوتر جو تصور ڇو نه ٿو اچي؟ ان جو جواب اهو آهي ته اسان جي مخصوص معاشري ۽ ٻولي، تصور ۽ لفظ جي تعلق کي پيدا ڪيو آهي ۽ اهو تعلق فرد جي وجود ۾ اچڻ کان پهرين پيدا ٿي چڪو آهي. لفظ ۽ تصور جو تعلق ڪو آفاقي ڪونهي پر اهو سماجي ۽ ثقافتي طور جڙيو آهي، ڇو ته مختلف ٻولين ۾ چيتي جي تصور لاءِ

مختلف لفظ آهن. ٻولي ۽ ادب ۾ لفظ، نشانيون آهن جن جي ساخت ڪجهه هن ريت آهي:

نشاني لاءِ اهو ضروري آهي ته ان ۾ دال ۽ مدلول ٻئي هجن، جيڪڏهن ڪو هڪ عنصر ڪٽل آهي ته ان کي نشاني نه چئبو. ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ لفظن ۽ انهن جي تصورن جو تعلق، ان ٻوليءَ جي مخصوص ثقافت جي ڪري آهي. اسان جڏهن سنڌي ٻولي ۾ لفظ "ڪتاب" چونداسين ته ٻي سنڌي جي ذهن ۾ ڪتاب کان سواءِ ڪو ٻيو تصور ايندو ئي ڪونه ڇو ته اسان جي ڪلچر اسان کان اڳ ئي ان تعلق کي طئه ڪري ڇڏيو آهي. نشانين جي باقاعدي مطالعي کي Semiology/Semiotics[2] جو نالو ڏنو ويو آهي.

اهڙي نموني سان نشانيءَ (Sign) جي معنيٰ جو تعين ان جي جملي ۾ استعمال سان ٿيندو آهي ۽ جملي جو تعين ان جي مضمون ۾ مخصوص استعمال سان ٿيندو آهي. ٻوليءَ ۾ اهو سڀ ڪجهه انهيءَ ٻوليءَ جي خودڪار نظام تحت ٿيندو آهي. ساختياتي فڪر مطابق ادب جون ۽ ان ۾ استعمال ٿيندڙ نشانين جون معنائون ٻوليءَ جي مخصوص ڍانچي ۾ اڳ ئي طئه ٿيل آهن، تنهن ڪري ليکڪ ڪا به نئين سچائي بيان نه ڪندو آهي. "ساختياتي فڪر جي مطابق، ڪا به تحرير خودمختيار نه آهي، تنهنڪري ان جو مفهوم سمجهڻ لاءِ ان تحرير کي ٻين تحريرن جي تناظر (Inter textuality) ۾ ڏسجي. ان کان علاوه اهو ذهن ۾ رکجي ته ان تحرير جو مفهوم ٻوليءَ جي مخصوص نظام ۾ اڳ ئي طئه ٿيل آهي."[3]

جهڙي طريقي سان نفسياتدان چون ٿا ته انسان جا عمل بظاهر تہ شعور جي ماتحت هجن ٿا پر درحقيقت اهي لاشعور جي اثر هيٺ هوندا آهن ۽ ماڻهو اڻڄاڻائيءَ ۾ لاشعور جي حڪمراني جي تابع هوندو آهي، اهڙيءَ طرح سان ساختياتي مفڪر چون ٿا ته ادب ۽ سماج ۾ پڻ هڪ اجتماعي لاشعور يا گهرا ۽ لڪل ڍانچا هوندا آهن جن تحت سماج عمل ڪندو آهي ۽ ادب تخليق ٿيندو آهي. سندن مطابق تہ اديب اهو سمجهندو آهي تہ هو خود اهو ادب تخليق ڪري رهيو آهي، پر

درحقيقت اهو ادب ڪانئس تخليق ڪرايو پيو وڃي. هو ان مغالطي ۾ هوندو آهي تہ ادب سندس انفرادي تخليق ۽ انفرادي اظهار آهي، پر حقيقت ۾ اديب هڪ اجتماعي لاشعور يا سماجي ڳُجهن قانونن جو چونديل هڪ ڪارندو آهي جيڪو سماج جو سونپيل ڪم ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو رولان بارٿ چيو ته اديب صرف هڪ جاءِ (Place) آهي، جتي ادب تخليق ٿئي ٿو.

ادبي ساختيات ۾ ٻن نالن کي وڏي اهميت آهي، جن جو مختصر احوال هن ريت آهي:

**رولان بارٿ (1915– 1980):**

بارٿ، فرانس جو اهو دانشور ۽ نقاد هو جنهن ويهين صديءَ ۾ بي انتها شهرت ماڻي. هو اسڪول استاد، ڪالم نگارُ سفارتڪار رهيو ۽ آخر ۾ پئرس جي تمام وڏي اداري ”ڪاليج ڊي فرانس“ ۾ ”ادبي نشانيات“ (Literary Semiology) جو چيئرمين منتخب ڪيو ويو.

1953 ۾ بارٿ جو ڪتاب ”Writing Degree Zero“ ڇپيو، جنهن ڪيس وڏي مڃتا ڏياري. هن ڪتاب ۾ بارٿ، سارتر جي ان ڳالهه جي حمايت ڪئي ته ادب ۾ وابستگي هجي. ”اديب غيرجانبدار رهي نٿو سگهي. ڇو ته ڪابه ٻولي شفاف نه هوندي آهي. حقيقت نگاري کي ڪيترو به غيرجانبداري سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي پر اها جڏهن اديب جي قلم مان نڪري ٿي ته ان ۾ اديب جي راءِ به شامل ٿيو وڃي. تنهنڪري ادب ۾ غيرجانبداري صرف هڪ خواب آهي.“[4] مصر ۾ نوڪري دوران سندس ملاقات گرائيماس سان ٿي جنهن ڪيس سوسيوئر سان روشناس ڪرايو. ان کان پوءِ بارٿ، ليوي اسٽراس، پراپ، فوڪو ۽ بريخت کان گهڻو متاثر ٿيو. 1980 ۾ هڪ روڊ حادثي ۾ سندس انتقال ٿيو.

بارٿ جي مطابق ته تخليق اها نه آهي ته ڪا حقيقت جيئن جو تيئن نقل ڪجي. تخليقڪار ان کي پنهنجي انداز ۽ اسلوب (Style) ۾ بيان ڪندو آهي، تڏهن اها تخليق بنبي آهي. ٻين لفظن ۾ ته اهو منفرد اسلوب ئي آهي جيڪو تخليقڪار جي سڃاڻپ بنجي ٿو. ڇو ته ، نه ته معروضي حقيقتون تخليق ٿي سگهن ٿيون ۽ نه ئي وري فڪر ان جو پنهنجو هوندو آهي. اهڙي نموني سان تحرير ۾ معروضي معنيٰ يعني

ڪا به هڪ متفقه معنيٰ نٿي ٿي سگهي، ڇو ته معنيٰ نشانين جي مخصوص نظام تحت پيدا ٿيندي آهي. معنيٰ تخليقڪار ۽ تحرير جي ميلاپ سان نه بلڪ اها تحرير ۽ پڙهندڙ جي ميلاپ سان جنم وٺندي آهي. تحرير ۾ موجود نشانين ( Signs)جي دال (Signifier) ۽ انهن جي پويان لڪل مدلول (Signified) تائين پڙهندڙ پنهنجي ڪلچر جي ذريعي پهچندو آهي ۽ ائين معنيٰ جنم وٺندي آهي. هڪ ئي تحرير ڪي مختلف ثقافتي ۽ سماجي پس منظر رکندڙ ماڻهو پڙهي مختلف مفهوم اخذ ڪن ٿا. ائين پڙهندڙ جڏهن معنيٰ سازي ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي ٿو، تڏهن هو خود جڻ ته تخليقڪار ٿيو پوي ۽ هڪ قسم جي ڪيف ۽ سرور مان گذري ٿو جنهن کي بارٿ Jouissance جو نالو ڏئي ٿو (سندس هي خيالات ساختيات کان وڌيڪ پسِ ساختيات سان تعلق رکن ٿا).

جڏهن تحرير جي ڪا هڪ معروضي معنيٰ نٿي ٿي سگهي ته پوءِ نقاد جو ڪهڙو ڪردار آهي؟ نقاد کي به بارٿ پڙهندڙ وانگر معنيٰ سازي ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿو سمجهي ۽ تنقيد کي هڪ تخليقي ڪم ٿو سمجهي ليڪن معنيٰ تي اجاره داري ڪنهن جي به تسليم نٿو ڪري، تخليقڪار جي به نه. پنهنجي مشهور ڪتاب The Death of Author ۾ رولان بارٿ چوي ٿو ته ليکڪ جي لکڻ کان پهرين اهو سڀ ڪجهه اڳ ئي موجود آهي، تنهنڪري مفهوم جي تلاش لاءِ ليکڪ ڏانهن ڏسڻ جي ضرورت ئي نه آهي. ليکڪ جو موت (اصطلاحي طور) ئي پڙهندڙ جو جنم آهي. هونئن به سندس خيال ۾ پڙهبو مزي لاءِ آهي معنيٰ لاءِ نه.

ولادمير پراپ (1895–1970):

پراپ روسي ادبيات جو ماهر هو. هن روسي لوڪ ڪهاڻين جو تجزيو ڪري هڪ ڪتاب لکيو، The Morphology of Folk tale جنهن ۾ ”هن تحرير جي متن جي بجاءِ ڪهاڻي ۾ رونما ٿيندڙ واقعن جو تجزيو ڪيو ۽ ڪردارن جي قسمن جو جائزو ورتو ۽ ان نتيجي تي پهتو ته لوڪ ڪهاڻين ۾ ڪل ستن قسمن جا ڪردار ۽ ايڪٽيهه قسمن جا واقعا ٿين ٿا.“[4]

پراپ جي مطابق ته جيڪڏهن هڪ ڪهاڻي ۾ چار هيرو آهن ته اهو هڪ قسم ڄڻبو. چاڪاڻ ته اهي چار ئي گڏجي هڪ ئي ڪم ڪن ٿا. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ڏهه دشمن آهن، تڏهن به ڪردار هڪڙو ئي ڄڻبو. اهڙيءَ طرح سان 31 واقعا آهن جيڪي هر ڪهاڻي ۾ ساڳيا هوندا آهن، پر انهن لاءِ لفظ ۽ اصطلاح بدليل هوندا آهن. پراپ جي فڪر کي اڄڪلهه فلمي تنقيد لاءِ پڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

ان کان علاوه تودوروف، جينيٽي، لوٽمئن، ميخائيل باختن ۽ جوناٿن ڪُلر پڻ وڏا ساختياتي مفڪر آهن.

ساختياتي فڪر جو جيڪڏهن نچوڙ ڪڍبو ته هيٺيان اهم نُڪتا نروار ٿيندا:

ٻولي هڪ ڍانچو (Langue) ۽ تقرير، تحرير يا گفتگو هڪ واقعو (Parole) آهي. تحرير انفرادي هوندي آهي جڏهن ته ٻولي سماجي ۽ اجتماعي هوندي آهي.

”دال موجود ۽ ٺوس هوندو آهي، مدلول غائب ۽ تجريدي هوندو آهي. دال هميشه ڪنهن مدلول جي نمائندي جي صورت ۾ هوندو آهي سندس پنهنجي ذاتي ڪا حيثيت نه هوندي آهي. دال کان سواءِ مدلول جي ڄاڻ نٿي ملي سگهي ۽ مدلول کان سواءِ دال بي معنيٰ آهي.“[5]

ساختياتي نقاد تحرير (Text) جو تجزيو ڪرڻ بجاءِ ان ۾ استعمال ٿيل ٻولي جي ساخت (Structure) جو تجزيو ڪري، اهو ڏسندا آهن ته ان جي زيرِ سطح ۽ گهرائي ۾ ڪهڙا اصول ڪارفرما آهن.

ادب ۾ هيئت (Form) دال ۽ معنيٰ يا مفهوم (Meaning) مدلول آهي.

روسي هيئت پسندن وانگر، ساختياتي مفڪرن پڻ ادبي تنقيد ۽ تفهيم کي سائنس جو درجو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته معروضي معنيٰ ممڪن آهي.

”ساختيات، تشڪيليت (Constructionism) تي زور ڏنو جيڪو هڪ اهم قدم آهي. هاڻي معنويت نه ته ذاتي تجربي جو نتيجو آهي، نه ئي وري آسمان مان لٿل ڪا شئي. توهانجي ٻولي ۽ ثقافت جي ڪري معنيٰ جنم وٺي ٿي. ٻولي فرد کان پهرين آهي، تنهنڪري فرد جي خودي (Self) ۽

معنيٰ جي تشڪيل ثقافت ۽ ٻوليءَ جي ڪري ٿئي ٿي. ساختيات جو جماليات سان ڪو تعلق نـ آهي. معنيٰ سان صرف ايترو تعلق آهي تـ اهو ڏنو ويندو آهي ته معنيٰ پيدا ڪيئن ٿي ٿئي. ساختيات کان پهرين تحرير حقيقت جي عڪاس هئي ۽ ٻولي محض عڪاسيءَ جو ذريعو. ليڪن ساختيات هن نقطهءِ نظر کي ڏوڏي ڇڏيو. هاڻي ٻولي عڪاسيءَ جو ذريعو نه پر خود معنوي تشڪيل جو سبب آهي."[6]

ساختيات هڪ طاقتور آواز ٿي اڀريو ليڪن ان کان سنت پوءِ پس ساختياتي فڪر اڀي ويو، جنهن سبب ساختيات پس منظر ۾ هليو ويو.

پسِ ساختيات (**Post Structuralism**):

پيس ساختيات هڪ فڪري تحريڪ آهي، جنهن جو جنم فرانس ۾ 1960ع واري ڏهاڪي جي آخري سالن ۾ ٿيو. هيءُ فڪر ان وقت وجود ۾ آيو، جڏهن ساختياتي فڪر پنهنجي عروج تي هو ۽ اڪثر فرانسيسي اديب، نقاد، مفڪر، سماجي، سياسي ۽ لساني ڄاڻو پاڻ کي "ساختياتي" چورائڻ ۾ فخر محسوس ڪري رهيا هئا. پيس ساختيات نه ته ساختيات کي مڪمل رد ڪري ٿي ۽ نه ان جي توثيق ڪري ٿي. اڪثر تحريڪون هلائڻ وارا ڪنهن هڪ نظريي تي متفق هوندا آهن ۽ ان تحريڪ سان پنهنجي وابستگي ظاهر ڪندا آهن، پر هتي ائين نه آهي. هن تحريڪ جا سرواڻ نه ته پنهنجو پاڻ کي پيس ساختياتي چون ٿا، نه ئي وري هڪ ٻئي سان متفق ئي آهن. تنهنڪري پيس ساختيات جي ڪا به متفقه وصف نه آهي.

ياڪ دريدا، فوڪو، ڊيليوز، جوليا ڪرسٽيوا، رولان بارٿ ۽ ليوتار، پيس ساختيات جا ناميارا سرواڻ آهن. هنن سڀني ۾ دريدا تمام اهم ۽ بنياد رکندڙ جي حيثيت رکي ٿو.

ياڪ دريدا ) (**Jacques Derida**):

فرانسيسي مفڪر دريدا (1930-2004) ويهين صديءَ جي مشڪل ترين مفڪرن ۾ شمار ٿئي ٿو. ان نظريي کي رد ٿو ڪري ته ٻوليءَ ۾ مطلق معنويت ((Absolute meaning موجود آهي.[7] هن کي آمريڪا جي يونيورسٽي ۾ ساختيات تي ليڪچر ڏيڻ لاءِ گهرايو ويو، جتي هن پنهنجو مشهور ليڪچر Structure, Sign, and Play in the Discourse of the Human Sciences جي نالي سان ڏنو، جيڪو پيس

ساختيات جو بنياد بنيو. دريدا پنهنجي فڪر کي ""Deconstruction جو نالو ڏنو، جنهن جو مطلب ٿئي ٿو: ردِ تشڪيل. ردِ تشڪيل کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته پهرين تشڪيل کي سمجهيو وڃي.

تشڪيل (**Construction**):

ساختياتي فڪر ۾ معنيٰ جي تشڪيل ٿي ٿئي يعني جڏهن دال ۽ مدلول جي ميلاپ سان ڪا نشاني وجود ۾ اچي ٿي، ته ان کي معنيٰ نصيب ٿي ٿئي ۽ اها معنيٰ مخصوص ثقافت جي ڪري وجود ۾ اچي ٿي. ڇو ته دال ۽ مدلول جو تعلق ڪو آفاقي ڪونهي. هڪ دفعو جڏهن نشاني (لفظ) کي معنيٰ ملي ٿي وڃي ته پوءِ اها "معنيٰ" حتمي شڪل اختيار ڪيو وڃي. ٻين لفظن ۾ معنيٰ جي تشڪيل ٿيو وڃي. حتمي شڪل وٺڻ کان پوءِ اها معنيٰ بي لچڪ بنجيو پوي ٿي ۽ مطلق سچائيءَ جو درجو حاصل ڪري وٺي ٿي. دال ۽ مدلول جي تعلق سان پيدا ٿيل معنيٰ، صوابديدي (Arbitrary)) واري حد ٽپي يقيني ((Certainty واري منزل حاصل ڪري وٺي ٿي. مثال: لفظ "ڪتاب" لکڻ يا اچارڻ سان پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي ذهن ۾ فورن ڪتاب جو تصور اچي ويندو، جيڪو آهي ته صوابديدي، پر اسان جي ٻوليءَ ۽ ثقافت ۾ اهو يقيني منزل ماڻي چڪو آهي. منجهس ڪا به لچڪ ڪونهي ۽ ڪو به سنڌي ماڻهو "ڪتاب" جي ڪا ٻي معنيٰ نه سمجهندو. "ساختيات جي انهيءَ يقيني صورتحال يا مطلق معنويت جي ردِ عمل ۾ ردِ تشڪيل جو بنياد پيو."[8]

ردِ تشڪيل (**Deconstruction**):

دريدا پنهنجي فڪر جي شروعات ساختيات کان ۽ سوسيوئرکان ئي ڪري ٿو.

نشاني (**Sign**):

"دريدا سوسيوئر جي انهيءَ ڳالهه سان ته متفق آهي ته ٻوليءَ جو نظام تفاوتن تي مبني آهي ليڪن ان ۾ اضافو ڪندي چوي ٿو ته مدلول خود دال بنجي ٿو وڃي ۽ ڪنهن ٻئي مدلول سان ملي ڪا ٻي نشاني بنجيو وڃي"[9]

**مثال:** ڪمري ۾ ڪرسي پيئي آهي. ڪمرو ۽ ڪرسي ٻئي دال آهن ۽ انهن جا تصور مدلول آهن. مونکي جيڪڏهن اهو سمجهه ۾ نٿو

اچي ته ڪمرو ڇا آهي ته ڪو بيو مون کي ڪمري جو تصور شايد هن طرح سمجهائيندو: ڪمرو چئن ديوارن، هڪ ڇت، دروازي ۽ درين تي مشتمل آهي. وضاحت کان پوءِ آئون پهريون جملو هن ريت پڙهندس: چئن ديوارن، هڪ ڇت، دروازي ۽ درين ۾ ڪرسي آهي. ۽ جيڪڏهن مون کي ڇت، دروازي ۽ درين جي معنيٰ جي خبر ناهي ته پوءِ اهو سلسلو اڻ کٽ ٿي ويندو ۽ آئون پهرئين جملي جي معنيٰ تائين پهچي نه سگهندس. هر دفعي مدلول ڦري دال ٿي پوندو. آخر ۾ آئون پهرئين جملي جي معنيٰ شايد اهڙي سمجهان، جنهن جو اصل معنيٰ سان تر جيترو به تعلق نه هجي. انهيءَ مان نتيجو اهو نڪتو ته متن جي ڪا حتمي معنيٰ نه آهي.

ماورائي مدلول (**Transcendental Signified**):

دريدا چوي ٿو ته مغربي فلسفو سڄو ماورائي مدلول تي دارومدار رکي ٿو. ماورائي مدلول کي هر معنيٰ جو اصل يا وسيلو سمجهيو وڃي ٿو. جيڪو به هن نظام جو جزو آهي، ان کي سچ تلاش ڪرڻ لاءِ ماورائي مدلول ڏانهن رجوع ڪرڻو پوندو. هو هر ڳالهه کي ماورائي مدلول جي عينڪ سان ڏسندو. جيڪا به شئي ان سان سهمت آهي اها برحق آهي ۽ جيڪا به شئي ان سان اختلاف رکي ٿي، اها باطل، بري، ڪوڙي ۽ غير حقيقي آهي. ماورائي مدلول هن نظام جو مرڪز آهي ۽ سندس ڪو به افتراقي جوڙو ڪونهي. دريدا جي نظر ۾ ماورائي مدلول پڻ تشڪيل شده آهي، جنهن جي رد تشڪيل ٿي سگهي ٿي. ڪيئن؟ ان جي مرڪزيت ختم ڪري.

لفظ-مرڪزيت (**Logocentrism**):

”Logos يوناني ٻولي جو لفظ آهي، جيڪو، روح يا خدا يا اظهار لاءِ استعمال ٿيندو هو، پر عيسائي مذهب ۾ لوگوس خدا جو اهو لفظ هو، جيڪو حضرت عيسيٰ جي وجود ۾ ظهور پذير ٿيو.“[10] مغربي فلسفي ۽ علمي روايتن ۾ لفظ کي اوليت ۽ اهميت رهي آهي. ٻين لفظن ۾ تقرير کي تحرير تي فوقيت ملندي رهي آهي. ساختيات به گفتگو يا تقرير کي تحرير تي فوقيت ڏني. ڇو ته گفتگو ڪندڙ ۽ گفتگو ٻڌندڙ ٻئي ساڳئي وقت موجود هوندا آهن، تنهنڪري گفتگو ۽ معنيٰ پڻ هڪ ئي وقت جنم وٺندا آهن ۽ ائين موجود کي غير موجود تي فوقيت

ملي. دريدا انهيءَ بنياد تي وار ڪيو.

دريدا پڇي ٿو ته معنيٰ ڪٿي موجود آهي؟ گفتگو ڪندڙ جي ذهن ۾ يا انهن آوازن ۾، جيڪي هوائن ۾ وکري ٿا وڃن؟ بظاهر جواب آهي ته گفتگو ڪندڙ جي ذهن ۾. دريدا وري پڇي ٿو ته تحرير جي صورت ۾ معنيٰ ڪٿي آهي؟ مصنف جي ذهن ۾ يا تحرير ۾؟ جيڪڏهن مصنف جي ذهن ۾ ته پوءِ تحرير ڇو پڙهجي؟ وڃي مصنف کان پڇجي؟ جيڪڏهن فوت ٿي ويو هجي ته سندس قبر تي وڃي معنيٰ پڇجيس؟

دريدا نتيجو اهو ٿو ڪڍي ته معنيٰ تحرير ۾ موجود آهي ۽ ان کي تحرير ۾ ئي ڳولڻ گهرجي. تنهنڪري تحرير کي تقرير تي فوقيت آهي. تقرير يا آواز مختصر وقت لاءِ هوندا آهن ۽ جلدي ختم ٿي ويندا آهن. تحرير دائمي هوندي آهي ۽ ان کي محفوظ ڪري سگهجي ٿو (دريدا جي فڪر مطابق، آڊيو يا وڊيو کي به تحرير سمجهڻ گهرجي).

هتي تقرير/تحرير جو افتراقي جوڙو هو، جنهن جي معنيٰ تشڪيل شده هئي ليڪن دريدا ان تشڪيل کي رد ڪيو ۽ نئون جوڙو ٺهيو تحرير/تقرير. پنهنجي ڪتاب Ofgrammatology ۾ هو چوي ٿو ته مغربي فلسفي، علم ۽ ادب جي عمارت انهن افتراقي جوڙن تي بيٺل آهي. مثال طور: مرد/ عورت، نيڪي/بدي، فطرت/ثقافت، روشني/اونداهي وغيره. ”انهن جوڙن ۾ پهرئين لفظ کي ٻئي تي فوقيت (Privilege)) ڏني ويئي آهي، جنهن ۾ پهريون لفظ عظمت، اصليت ۽ جوهر جو اهڃاڻ آهي ته ٻيو لفظ وري ظلمت، ثانويت ۽ پستيءَ جو اهڃاڻ.“[11]

دريدا کي ”فوقيت ڏيڻ“ تي اعتراض آهي- ۽ چوي ٿو ته ”ائين فوقيت ڏيڻ سان اسان، سچ تي تشدد ڪيون ٿا! جڏهن اسان چئون ٿا ”روشني“- ته اسان خودبخود اونداهه جو اعتراف ڪريون ٿا. اونداهه نه هجي ته روشني به نه هوندي. اسان امن جو ذڪر ڪريون ٿا ته لاشعوري طور بد امنيءَ کي به تسليم ڪريون ٿا. بدامني جو وجود نه هجي ها ته اسان امن کان واقف به نه هجون ها.“[12] دريدا افتراقي جوڙن جي تشڪيل کي رد (Deconstruct) ڪري، ٽوري دير لاءِ، انهن جي ترتيب بدلائي ٿو ڇڏي. مثلن: بدي/ نيڪي، عورت/مرد، ثقافت/فطرت،

رات/ڏينهن. ائين هو ثابت ڪري ٿو ته افتراقي جو ڙا هڪ ٻئي تي دارومدار رکندڙ، هڪ ٻئي جي تڪميل ڪندڙ ۽ هڪ ٻئي جي برابر آهن. ائين ڪرڻ سان افتراقي جوڙن جي وچ ۾ ساختياتي تفاوت يا فرق مٽجيو وڃي. پهرين فوقيت شده لفظ معنوي تفهيم جو ذريعو هو، پر هاڻي ان جي اجاره داري ختم ٿي وڃي ٿي. يعني اڳ ۾ فوقيت شده لفظ نظام جو مرڪز هو ليڪن هاڻي سندس مرڪزيت ختم ٿي وڃي ٿي.

هتي دريدا هڪ لفظ چال (Play) متعارف ٿو ڪرائي، جنهن جي هڪ حد تائين معنيٰ انتشار يا بغاوت به ٿئي ٿي. فطرت/ثقافت هڪ نظام جو حصو آهن، جنهن ۾ فطرت، مرڪز ۽ ثقافت ان جو جزو آهي. جزي جي معنويٰ جو تعين مرڪز ڪري ٿو. ثقافت ڪي هر حالت ۾ فطرت سان سهمت رهڻو هو ۽ فطرت جي حدن ۾ ئي رهڻو هو، جيڪا نظام جي تقاضا آهي. پر جيڪڏهن جزو پنهنجي مرڪز سان سهمت نه ٿئي ۽ ڪا اهڙي حرڪت ڪري جيڪا مرڪز جي منشا جي مطابق نه هجي، ته پوءِ چئبو ته نظام ۾ چال پيدا ٿي ويئي آهي. ردِ تشڪيل جڏهن افتراقي جوڙي جي ترتيب بدلائي ٿي ته زبردست چال پيدا ٿي ٿئي ۽ تشڪيل شده معنيٰ متاثر ٿي ٿئي. ”نظام جو قائم ڪيل تفاوت مٽائڻ ردِ تشڪيل آهي. چال ڏيڻ سان لفظ جي مرڪزي حيثيت ختم ٿيو وڃي. مرڪزيت ڪان محرومي، موجودگي (Presence) تان هٽ ڪٽڻ جي برابر آهي. ردِ تشڪيل نه ته افتراقي جوڙن جو ڪو نئون نظام متعارف ڪرائي ٿي، نه ئي وري انهن جي ترتيب ڪي ختم ڪرڻ ۾ دلچسپي رکي ٿي. اها ته بس اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪري ته ٻنهي لفظن جي وچ ۾ يڪسانيت ۽ باهمي اتفاق يا تضاد ڪٿي آهي.“[13]

دريدا جي چواڻي ته سڀني نظامن ۾ هڪ مرڪز رهندو آيو آهي. جڏهن هڪ نظام جي جاءِ ٻيو نظام وٺندو آهي ته اهو مرڪز به تبديل ڪندو آهي. مثال طور مذهبي نظامن ۾ مرڪز، ”خدا“ آهي، نفسياتي نظام ۾ مرڪز، ”ذات يا خودي“ آهي، ساختياتي نظام ۾ مرڪز، ”لسان“ آهي. نظام ۾ مرڪزيت ختم ٿيڻ سان، معنيٰ تي قائم

ڪيل سندس جبرَ اجاره داري ختم ٿيو وڃي. اڳ ۾ هر معنيٰ کي مرڪز سان سهمت ٿيڻو ٿي پيو، پر پس ساختيات ۾ ائين نه آهي. مرڪز جي مرڪزيت ختم ٿيڻ کان پوءِ اهو لازمي ناهي ته سڀ جزا هڪ ٻئي سان متفق هجن، اهي الڳ الڳ معنيٰ رکي سگهن ٿا جيڪي هڪ ٻئي سان متضاد به ٿي سگهن ٿا.

دريدا جي مطابق:

اهو نه سمجهڻ گهرجي ته لکيل ٻولي بذاتِ خود پنهنجي پاڻ ۾ معنويت رکي ٿي. "ٻولي هر وقت تبديل ٿيندڙ، غيرمستحڪم ۽ ڦهلجندڙ آهي تنهنڪري انهيءَ ٻولي ۾ تخليق ٿيندڙ ادب (جي معنيٰ) پڻ تبديل ٿيندڙ، غيرمستحڪم ۽ ڦهلجندڙ هوندي آهي."[14]

مصنف پنهنجي لکيل متن جوپاڻ پيدا ڪندڙ نه آهي ۽ نه ئي هو پنهنجي تحرير جي معنيٰ تي "اختيار" رکي ٿو. مصنف پنهنجي ثقافت جي گرفت ۾ هجڻ سبب متن تشڪيل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جيڪا سندس ثقافت (مرڪز) کي قابلِ قبول هجي. پڙهندڙ وري پنهنجي ثقافت جي مطابق ان جي معنيٰ تشڪيل ڪري ٿو. ائين جيترا پڙهندڙ اوتريون معنائون ٿيو پون، جنهن کي دريدا معنيٰ جي "غيرفيصلا ڪُن حالت" (Undecideablity) ٿو چوي.

ڪي به معروضي "سائنسي" مباحثا (Discourse) نه آهن. اسان جي مابعد السان (Metalanguage) يعني تنقيدي، تفهيمي يا تفسيري مباحثا خود اهڙا آهن، جن تي پڻ تنقيد ٿي سگهي ٿي ۽ ان تنقيد تي وري تنقيد ٿي سگهي ٿي، جيڪو اڻ کٽندڙ سلسلو آهي. مطلق سچ (Absolute Truth) جو ڪو امڪان به ڪونهي.

اهو مشڪل آهي ته ادب کي هڪ الڳ مباحثو قرار ڏجي، ڇو ته اهو هميشه ٻين مباحثن سان سلهاڙيل رهي ٿو. (ٻين لفظن ۾ ته خالص ادب نه ٿيندو آهي)[15]

رولان بارٿ (**1915–1980**):

بارٿ پهرين ساختياتي هو ۽ پوءِ پس ساختياتي ٿيو ليڪن سندس لکڻين ۾ ٻئي ڳالهيون موجود آهن. بارٿ کان پهرين "نئين تنقيد" وارا چئي چڪا هئا ته معنيٰ جي سلسلي ۾ ليکڪ ڏانهن ڏسڻ جي

ضرورت نه آهي ۽ معنيٰ لاءِ تحرير ڪافي آهي. ساڳي ڳالهه بارٿ ڪئي آهي، پر ٻنهي ۾ فرق اهو آهي ته نئين تنقيد وارا چون ٿا ته تحرير ۾ موجود واحد ۽ معروضي معنيٰ تائين رسائي ممڪن آهي، جڏهن ته بارٿ انهيءَ ڳالهه جو انڪاري آهي ته ڪا تحرير ۾ واحد ۽ معروضي معنيٰ ٿي سگهي ٿي. معنيٰ تخليقڪار ۽ تحرير جي ميلاپ سان نه بلڪ اها تحرير ۽ پڙهندڙ جي ميلاپ سان جنم وٺندي آهي. ”اسان هاڻي ڄاڻون ٿا ته تحرير ڪا لفظن جو ميڙ نه آهي، جيڪا الهامي معنيٰ رکندڙ آهي. تحرير هڪ گهڻ پاسائون مڪان (Space) آهي، جنهن ۾ مختلف لکڻيون پاڻ ۾ ملن ۽ ٽڪرائجن ٿيون ۽ اهي لکڻيون نه ته اصلي آهن ۽ نه ئي وري هڪ ٻئي سان سهمت. ڇو ته انهن جون پاڙون ثقافت جي بيشمار ۽ متضاد مرڪزن ۾ کتل آهن.“[16]

بارٿ چوڻ اهو ٿو چاهي ته ليکڪ جڏهن پنهنجي ذهن جي تهه خاني مان ڪا شئي ڪڍي، تحرير جي شڪل ۾ پيش ٿو ڪري ته اها شئي سندس ملڪيت نه آهي بلڪ هن اها ڪلچر جي ڪنهن مرڪز تان کنئي آهي. سندس ذهن جو تهه خانو سندس جوهر يا خودي (Self) ۾ آهي جيڪو پڻ اصلي ڪونهي ۽ ان جي تشڪيل ڪلچر جي مختلف مرڪزن جهڙوڪ تعليم، ڪٽنب، رواج، دوست، ادب، سياست وغيره مان ٿيل آهي ۽ مسلسل تبديل ٿيندڙ پڻ آهي. هو مختلف مرڪزن تان کنيل مختلف ۽ متضاد شين کي ملائي، ادب تخليق ڪري ٿو. هن صورت ۾ اهو ڪيئن مڃجي ته ليکڪ جيڪا معنيٰ چوي ٿو، تحرير ۾ صرف اها ئي معنيٰ آهي؟ تحرير جي عمارت جا بنياد ۽ ان ۾ استعمال ٿيل شيون هڪ ٻئي سان متضاد ۽ مختلف هئڻ سبب مختلف روپ ڏيکارين ٿيون ۽ مرڪز سان بغاوت ڪن ٿيون. جڏهن قاري يا نقاد ان تحرير کي غور سان پڙهي ٿو ته ڪيس اهي تضاد نظر اچن ٿا. نقاد کي ردِ تشڪيل ڪرڻ جي ضرورت ئي نه آهي، تحرير خود پنهنجي ردِ تشڪيل ڪري ٿي. نقاد صرف ان جي نشاندهي ڪري ٿو.

قاري کي تحرير ۾ صرف پنهنجي پسند يا ذوق مطابق ئي معنيٰ نظر اچي ٿي. اهو ان ڪري آهي جو قاري جا ثقافتي مرڪز ۽ ليکڪ جا ثقافتي مرڪز ضروري ناهي ته ساڳيا هجن. تنهن ڪري اهو بلڪل ممڪن ۽ جائز آهي ته قاري تحرير ۾ ڪا اهڙي معنيٰ تلاش ڪري وٺي،

جيڪا ليکڪ جي وهم ۽ گمان ۾ به نه هجي. ان صورت ۾ ليکڪ جي معنيٰ تي اجاره داري قائم ڪرڻ ائين آهي جيئن تحرير ڪي تشدد ذريعي ڪنهن معنيٰ جي دٻلي ۾ بند ڪري، ان ڪي هميشه هميشه لاءِ ساڪن ڪري ڇڏڻ. ليکڪ کي معنيٰ جي تفهيم ۾ دخل اندازي نه ڪرڻ کپي ته جيئن سندس تحرير آزاد رهي ۽ ان مان نيون نيون معنائون نڪرنديون رهن. اهوئي سبب آهي جو بارٿ چوي ٿو ته ، ”ليکڪ جو (استعاراتي) موت پڙهندڙ جو جنم آهي.“

مِشيل فُوڪو (**Michel Foucault**):

فرانسيسي مفڪر فوڪو (1926-1984) به پهرين ساختياتي هو ليڪن پوءِ پس ساختياتي ٿيو، پر هن به پنهنجو پاڻ کي نه ته ساختياتي چوايو ۽ نه پس ساختياتي. هو نٽشي کان تمام گهڻو متاثر هو، تنهنڪري سندس فڪر ۾، ”طاقت“ (Power) کي گهڻي اهميت آهي.

”معاشرو اسان کي پنهنجي، ”پوئلڳ“ يا معمول جي روپ ۾ ڏسڻ چاهي ٿو ته جيئن اسان ان جي قدرن جي پاسداري ڪريون ۽ ذميدار شهري بنجون.“[17] فوڪو جي مطابق ته، معاشري ۽ شهريءَ جو جيڪو تعلق بنجي ٿو يا جوڙو بنجي ٿو، (معاشرو/شهري) ان جو بنياد طاقت تي آهي، جنهن ۾ مرڪز يعني معاشرو جبر جي ذريعي شهري کي پنهنجو پوئلڳ يا ٻين لفظن ۾ غلام ٺاهي ٿو، ته جيئن هو نظام جو پرزو ٿي سگهي ۽ نظام جي سچائيءَ تي پورو يقين ڪري وٺي.

سماجي نظام جو جبر طاقت جي مباحثي (Discourse) تي ٻڌل هوندو آهي ۽ طاقت جو افتراقي ضد آهي مزاحمت. مزاحمت کان سواءِ طاقت جو تصور محال آهي.

مباحثي جي ذريعي معاشرو پنهنجا مقصد حاصل ڪندو آهي يعني پنهنجا معمول پيدا ڪندو آهي ته جيئن هو ان جي هر ڳالهه کي سچ سمجهن ۽ فرمانبردار رهن. ادب هڪ اهڙو وسيلو آهي، جنهن جي ذريعي مباحثو پڙهندڙ تائين منتقل ڪري سگهجي ٿو.

فوڪو کي سيني نظامن ۾ جبر نظر اچي ٿو، جيڪي فرد کي پوئلڳ يا غلام بنائڻ چاهين ٿا ۽ مزاحمت تي کين سزا ڏين ٿا. تنهن ڪري فوڪو انهيءَ ڳالهه کي رد ٿو ڪري ته ڪو نظام پنهنجو پاڻ ۾ مڪمل سچائي رکي ٿو، پوءِ اهو نظام مذهبي هجي، اخلاقي هجي يا مارڪسي هجي.

ليڪڪ جي باري ۾ فوڪو ڏاڍو دلچسپ بحث ٿو ڪري. ڪير آهي ليڪڪ؟ جيڪڏهن ڪو باس پنهنجي سيڪريٽري کي ڊڪٽيشن ڏئي ته ليڪڪ ڪير ٿيو؟ يقينن باس. اڄڪلهه ليڊرن کي تقرير انهن جا سيڪريٽري لکي ٿا ڏين، ۽ وڏن ليڊرن جون تقريرون لکڻ لاءِ ماهرن جون ٽيمون نهيل هونديون آهن. هن صورت ۾ ليڪڪ هڪ ميڙ جي صورت ۾ هوندو آهي، جنهن جا ميمبر مختلف قابليت ۽ پس منظر رکندڙ هوندا آهن. ساڳيءَ طرح سان جڏهن ڪو ليڪڪ ادب تحرير ڪري ٿو ته اهو به سندس اندر ۾ ويٺل هستين (Selves) جي ميڙ جو لکيل هوندو آهي، جنهن جي هر ميمبر جي قابليت ۽ پس منظر مختلف هوندو آهي.[18] تنهنڪري جيترا وات اوتريون ڳالهيون ۽ اوتريون معنائون. تنهن ڪري پسِ ساختيات، متن جي هڪ معنيٰ جي بجاءِ ڪثيرالمعنويت ((Plurality of meaning جي قائل آهي.

هيءَ تحريڪ فرانس کان پوءِ سنت ئي آمريڪا ۾ مقبول ٿي ويئي، جنهن کي "ييل مڪتبه فڪر" پڻ سڏجي ٿو، جنهن جا سرخيل هئا: پال ڊي مئن، هيرالڊ بلوم هلِس ملر ۽ هارٽ مئن.

پسِ ساختيات جو دائرو، سماجيات، مابعد طبعيات، نفسيات، فلسفي، فيمينزم، ادب وغيره تائين پکڙيل آهي. هتي جيئن ته موضوع صرف ادب آهي، تنهنڪري علم جي ٻين شاخن متعلق لکڻ طوالت جو باعث بڻبو. ان کان علاوه پسِ ساختيات جا ڪجهه فيلسوف، مابعد جديديت يا جديديت پڄاڻان ۽ فيمينزم سان به تعلق رکن ٿا، تنهنڪري سندن احوال انهن مضمونن ۾ ايندو. ڇو ته پسِ ساختيات ۽ مابعد جديديت کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري نٿو سگهجي.

پسِ ساختيات تي ٿيندڙ تنقيد:

"پسِ ساختيات، سچ، حقيقت، معنيٰ ۽ علم جي لاءِ شڪ شبهه پيدا ڪري ڇڏيا آهن."[19] اهو ڪو فڪر ڪونهي، جنهن تي تنقيد نه ٿي هجي، پر پسِ ساختيات تي تمام گهٽي تنقيد ٿي آهي. جنهن جو بنيادي نقطو اهو آهي ته هو ڪنهن به سچ يا حقيقت کي معروضي سچائي مڃڻ لاءِ تيار نه آهي- ۽ دنيا جا جيڪي به فڪري نظام آهن، اهي بيٺل ئي انهيءَ مفروضي تي آهن ته هو مڪمل سچ آهن. پسِ ساختيات ڪنهن نظام کي ئي نٿي مڃي ته نظام جي سچائي ته پري

جي ڳالهه آهي. پيس ساختيات تي سڀ کان وڏيڪ تنقيد سوشلسٽن ۽ مذهبي ڌرين طرفان ڪئي ويئي آهي. ڇو ته هيءَ تحريڪ انهن نظامن لاءِ خطرو بنجي پيئي.

حوالا:


1. Martin Gray: *A Dictionary of Literary Terms*
2. نشانين (Signs) جو سائنسي مطالعو. سوسيوئر جي فڪر مطابق نشانيون Semiotics/ Semiology: تحرير يا تقرير ۾ هونديون آهن. رولان بارٿ ان کي تصويرن، اشارن ۽ آوازن جي مطالعي تائين وڌايو.
3. Bressler C.E: *Literary Criticism* p-110
4. Roland Barthes: *Writing Degree Zero* p-49
5. Ian Buchanan: *Critical Theory:* Oxford University Press p-386
6. John Sturrock: *Structuralism* p-31
7. Terry Eagleton: Literary *Theory; An introduction* p-93
8. Martin Gray: *A Dictionary of Literary Terms*. (Delhi: Dorling Kindersley. 2008) 81
9. Sharad Rajimwale: *Contemporary Literary Criticism*. (Lahore: Famous Products:2006) 32
10. Charles E Bressler: *Literary Criticism.* (New Jersey: Pearson Education. 1907) 119
11. David Macey: *A dictionary of Critical Theory*. (London: Penguin Reference. 2000)
12. W.R. Goodman: *Contemporary Literary Theory*. (Lahore: Famous Products. 2007) 34
13. David Carter: *Literary Theory* (Great Britain: Cox & Wyman. 2006) 111
14. رئوف نيازي : ما بعد جديديت ( ڪراچي: احمد برادرز: 2003)
15. M.S.Nagarajan: *English Literary Criticism and Theory* (Hyderabad India: Orient Longman.2007) 167
16. Sharad Rajimwale: *Contemporary Literary Criticism*. (Lahore: Famous Products:2006) 32
17. Rolan Barthes: *The Death of the Author* (appeared in *Modern Literary Theory* by Rice & Waugh: 2001) 185
18. Catherine Belsey: *Poststructuralism: A very short introduction.* (New york: Oxford University Press. 2002) 53
19. Gary Gutting: *Foucault: A very short introduction.* (New York: Oxford University Press. 2005) 12
20. Terry Eagleton: *Literary Theory: An Introduction.* (GB: Minnesota University Press. 2003) 124